# مهراڻ

جلد ۲۳ ـ نمبر ۲
۱۹۷۴ع

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ.

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي!



مرحوم ميان علي بخش احمدزئي

مئنيجر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ

(تاريخ وفات: سومر، ۲۹- اپريل ۱۹۷۴)

LIBRARY,
Institute of Sindology
University of Sind Jamshoro Sind

تاريخ ٢٥- مئي ١٩٧٤ع تي، حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن، عاليجناب مخدوم محمدزمان 'طالب المولي' صاحب جن جي صدارت هيٺ هڪ ميٽنگ منعقد ٿي، جنهن ۾ بورڊ جا ميمبر، سينيٽر جناب قمرالزمان شاهه، مسٽر عبدالقادر قاضي پوليٽيڪل سيڪريٽري چيف منسٽر سنڌ، جناب حبيب الله ميمڻ ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن حيدرآباد، جناب آغا عبدالنبي سابق ڪمشنر، جناب شيخ علي محمد ايڊيٽر روزانہ آفتاب ۽ بورڊ جو سيڪريٽري مسٽر غلام رباني شريڪ ٿيا.

مذڪوره ميٽنگ ۾ مرحوم ميان علي بخش احمدزئي مئنيجر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس جي وفات تي غم ۽ ارمان جو اظهار ڪيو ويو. بورڊ مرحوم جي مثالي جفاڪشيءَ ۽ وفاداريءَ سان سرانجام ڏنل خدمتن کي ياد ڪيو ۽ سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ ۽ ترويج لاءِ مرحوم جي ڪوششن کي ساراهيندي، ڏڻيءَ جي در سنڌس مغفرت لاءِ دعا گهري.

بورڊ پنهنجي هڪڙي ٺهراءَ ذريعي مرحوم جي وفات جي ڏک ۾ پنهنجون سموريون آفيسون هڪ ڏينهن لاءِ بند رکڻ جو فيصلو ڪيو.

تاريخ ٢٩-٢ اپريل ١٩٧٤ع تي، حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمن جي هڪ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ميان علي بخش احمدزئي مئنيجر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس جي وفات تي دلي ڏک ۽ ارمان جو اظهار ڪيو ويو ۽ ڏاڍيءَ جي درد دعا گهري ويئي تہ هو پنهنجي رحم سان مرحوم جي روح کي مغفرت سان نوازي ۽ جنت ۾ جايون ڏي.

مذڪور گڏجاڻيءَ ۾ بورڊ جي ملازمن هڪ ٺهراءُ ذريعي پنهنجي پياري وڇڙيل رفيق کي ياد ڪيو ۽ چيو تہ هن سنڌي ادبي بورڊ جي پرنٽنگ پريس قائم ڪئي هئي ۽ لاڳيتو ويهہ ورهيہ ان جو مئنيجر ٿي رهيو هو. مرحوم ميان صاحب سنڌي زبان ۾ ڇپائيءَ جي ڪم جو هڪ وڏو ماهر هو. هن بورڊ جي ڪتابن ۽ رسالن ۾ سنڌي ڇپائيءَ جو جيڪو اعليٰ معيار قائم ڪيو، اهو سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ هميشه سندس نيڪناميءَ جو يادگار رهندو.

ملازمن آخر ۾ مرحوم جي پسماندن سان پنهنجي دلي همدرديءَ جو اظهار ڪيو.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۲۳ — نمبر ۲

(اپريل، مئي ۽ جون ۱۹۷۴ع)

ايڊيٽر

غلام محمد "گرامي"

اسسٽنٽ ايڊيٽر

انور هالائي

سنڌي ادبي بورڊ

"امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

# مهراڻ

(پوسٽ باڪس نمبر ۱۲)
حيدرآباد، سنڌ.

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال،
حيدرآباد سنڌ.

قيمت ۴-۰۰ رپيا

في ڪاپي ۴-۰۰ رپيا

ساليانو چندو ۱۵-۰۰ رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro,
Secretary The Sindhi Adabi Board, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press,
and Book stall "Amin Manzil", Gadi Khato, Hyderabad Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# — فهرست —

## گذارش (ص ٥)
— غ: م. گ.

## شعر
— آغا عبدالنبي خان عليگ (غزل) (ص ١-٨)
— تاجل 'بيوس' (نظم، گيت، وائي، ڪافيون، غزل، دوها) (ص ٩-١٦)

## بيت (ص ١٧)
اثار ازمي.

## وايون (ص ١٨)
سرو پچندر 'شاد'؛ علي محمد خالدي؛ 'نقاش'؛ 'منير' سولنگي؛ سائل آزاد، محمد هاشم تالپر 'خادم'.

## ڪافيون (ص ٢١)
عبدالڪريم 'گدائي'، رحيم بخش 'قمر'، 'معمور' يوسفاڻي، احمد خان 'آصف'، سائل آزاد.

## گيت (ص ٢٤)
قيوم 'طراز'، مهر 'خادم' رفيقي؛ اصير شاد مرزا.

## نظم (ص ٢٦)
عبدالڪريم 'گدائي'؛ 'سرويچ' سجاولي؛ علي محمد 'خالدي'؛ 'ظفر' تنڪوائي، سرو پچندر 'شاد'؛ 'نقاش'؛ 'هدايت' بلوچ؛ ملڪ له يم؛ ساجد لعلپوري؛ 'پون' سنڌي.

## غزل (ص ٣٧)
'اياز' هماوني؛ 'سليم' سرهندي؛ 'سليم' ڳاڙهوي، عبدالقيوم 'صائب'؛ 'محبوب' سروري؛ 'عنايت' بلوچ؛ 'تاج' جويو، الهداد 'عاصم' بوهيو، 'ولي' دائود پوٽو؛ 'نقاش'، 'وفا' بلي، 'خاڪي' جويو؛ 'بشير' سيتائي، 'عزيز' ڳاڙهوي، 'جوش' سولنگي، 'عاجز' اجڻ، 'الطاف' عباسي، 'نديم' تقوي، 'وفا' ناٿنشاهي.

## قطعا (ص ٤٧)
'نديم' انصاري؛ 'بشير' سيتائي.

## افسانا

| | | |
|---|---|---|
| ١- وري ٿـل ٻيڙي ٻڏي | - محمد دائود بلوچ | ٥١ |
| ٢- درد جو سفر | - نثار بزمي | ٦١ |
| ٣- جادوگر | - چيربڪوف<br>سنڌيڪار: انجم عباسي | ٦٩ |
| ٤- هڪ ماءُ جو اولاد | - ايلڪ گولار<br>سنڌيڪار: محبوب علي چوڪيو | ٨١ |
| ٥- زيورن جو ڏبو | سنڌيڪار: لعل شاهه | ٩٣ |
| ٦- گلاب جا گل (قسط ١) | - استيفن زوائنگ<br>سنڌيڪار: غلام نبي ميمڻ | ١٠٤ |


## مقالا

| | | |
|---|---|---|
| ١- امير خسرو دهلويءَ جي فارسي شاعريءَ تي هڪ نظر (قسط -٢) | - آغا عبدالنبي خان 'عليگ' | ١٣٣ |
| ٢- ابومعشر انجيح بن عبدالرحمان سنڌي | - ڊاڪٽر مدد علي قادري | ١٤٢ |
| ٣- تترن جو شڪار | - محمد اسماعيل عرساڻي | ١٥٩ |
| ٤- اروڙ جو عروج ۽ زوال | - رشيد ڀٽي | ١٨١ |


**= اديبي آئي ويا.**

| | | |
|---|---|---|
| ١- مرحوم علي بخش احمد زئي | - غ . م . گ | ١٩٣ |
| ٢- مرحوم سيد 'حافظ' شاهه حسيني | - غ . م . گ | ١٩٤ |


**= ثقافتي سرگرميون.**

| | | |
|---|---|---|
| ١- سنڌي ادبي ڪانفرنس ڪراچي | - انور هالائي | ١٩٧ |
| ٢- جناب ڪيوان شڪوهيءَ جي اعزاز ۾ دعوت استقباليه - | | |

# ا

# ش

”سمنڊ جي اجهاڳ ۽ بي انت تري ۾ سهسين بي بها موتي سپجن ٿا، جي هوند جهان کي وڏيڪ جرڪائين ۽ اجالو ڪن؛ هزارين گلابي گل، پنهنجو محبوبي منهن لڪائي، ٻرپٽ کي واس ڏين ٿا، جن مان هوند سنسار کي سڳنڌ ملي؛ اسان جي پياري سنڌڙي ٻه ڪنهن سمي اهڙن املهه ماڻڪن جي کاڻ هئي، ۽ اهڙن سهڻن گلن جو چمن هئي. ڪٿي آهن اهي غواص جي پاتال ۾ پيهي، سپون سوجهي ڪڍن، ۽ جوتيون جواهرن جون عالم کي آڇين. ڪٿي آهن اهي واس وٺندڙ ڪوڏيا، جي ٻيراني بيابان جهاڳي نازڪ گلن جي سرهاڻ سنگهن، ۽ ان جي عطر مان دنيا جي دٻيل دماغ کي دئي ڏين، ڪٿي آهن اهي ڪانيءَ ڪرامت جا صاحب، جن جي فيض مان پرت جا پهيڙا پڙجام پيئندا هئا. اڄ انهن جي جاين تي ڏپ-سڙيا الغارون ڪري رهيا آهن.“

— مرحوم شمس العلماء علامه ڊاڪٽر دائود پوٽو

# آغا عبدالنبي خان "عليگ"

●

"الا" الا" هيءُ خيالِ مهوشان ڇو ڪين وڃي،
چا ڪريان سيني مان هي آهُ و فغان ڇو ڪين وڃي.

نقش دلبر چشم تر ۾ سون آڪاري آ ڇڏيو،
جو ويو اکين ۾ آڪري سو آتان ڇو ڪين وڃي.

ٿي ٿٿي قربان ڪبڪ اچ تو سندي رفتار تي،
سا ٻري توکان ڀلا سروِ روان ڇو ڪين وڃي.

تنهنجي هولدي اي ٻت ٻر فن ڀلا تون ٿي ٻدام،
ٻي ڪنهين تي خون منهنجي جو گمان ڇو ڪين وڃي.

خلق تي چٽي ڪر تون دعويٰ خون جي قاتل مٽان،
تو تي دالهين حاش لله هيء زبان ڇو ڪين وڃي.
گرچه 'آغا' کان وڃي جان و جهان يا جو ٻہ آهہ،
آرزو دل مان اوهان جي جانِ جان ڇو ڪين وڃي.

●

هميشه آهہ فرقت ۾ دلِ افگار کي گيريو،
دهن خاموش آهي ديدهٔ بيدار کي گيريو.

ڪيم زاريون مگر هيٺا رسائي ڪانَ تو وٽ ٿي،
رهيو شب ڀر اسِ ديوار حالِ زار کي گيريو.

ڪٿي خنده خرد آهي ڪٿي آ روح مستيء کي،
مگر تنهنجي اکيان آ مست ۽ هوشيار کي گيريو.

ڪيو هو قصد منهنجي خون جو قاتل ڏسي هاڻي،
خدا ڄاڻي اچي ويو آهہ ڇو خونخوار کي گيريو.

هن ۾ ڪرها ڪيچ قطاريا، هن ۾ هالارن جي هوڏ،
ويلَ وڇڻ جو واهہ وٽي تي هن ۾ لاهيارين جي لوڏ.

هن ۾ جونون جراهلن جون، هن ۾ پاوان جا پار،
هن ۾ چنڊ ڪتين مان جهاتيون پاتيون اڄ پڻ منهنجي يار،
هن ۾ جنُوہ متان جهالڪين جي وڄڙيون چوڙي آيون وار،
هن ۾ ڪنُن، ڪپرَ، ڪراڙيون، هن ۾ واهڙ ويرو تار،
هن ۾ ساهڻ سيراهن ڪان سرهو، هن ۾ هيرون ۽ هيڪار،
هن ۾ بوءِ بسنتي "ٻوس" جڻ ڪنهن چوريءَ چوڙيا وار.

## مان آهيان نہ آهيان

اي صاحب سڏايان، اي سلطان آهيان،
مان "آهيان نہ آهيان" تي حيران آهيان.

ڪڏهن "رب" ارني" جون مرليون وڄايان
ڪڏهن "لن تراني" جا هوڪا هلايان،
ڪڏهن رازَ برزخ جا سڀ ڪي مٽايان،
ڪڏهن پاڻ تي خود پشيمان آهيان.

ڪڏهن ذوق وارن ۾ ذاتي صفاتي،
ڪڏهن آهيان بيوس، ڪڏهن بي ثباتي،
ڪڏهن پاڪ پوتر، ڪڏهن خوب خاطي،
ڪڏهن سولهن وارن جو سلطان آهيان.

ڪڏهن اسم جسمي، ڪڏهن سِرُ سبحاني،
ڪڏهن بيڪ بشري، ڪڏهن نڪر نالي،
ڪڏهن پاڻ ڪعبو، ڪڏهن لامڪاني،
ڪڏهن آهيان گوتم، ڪڏهن گيان آهيان.

ڪڏهن پيو صليبن مان مقتل سجايان،
ڪڏهن مالڪ آدم جي آڏو جهڪايان،
ڪڏهن حڪم هنبت جا هر هر هلايان،
ڪڏهن ڏس تہ مان دار جو شان آهيان.

نه ظاهر، نه باطن، نڪي خامُ خيالي،
نه حاجت 'هئڻ' جي، اڪي لازوالي،
نه چارڻ چوايان، بهمني مير موالي،
مان پنهنجي نفي هستيءَ تي حيران آهيان.

نه مؤمن نه ملحد، نه ملان نه قاضي،
نه ايمان امازون، نه حاجي حجازي،
نه ساڌو سڏايان، نه ڪرمڪ نه غازي،
نڪي آهيان عاقل، نه نادان آهيان.

ڪڏهن ورق 'ويدن' جا واري واريان،
ڪڏهن پاڻ 'پوٿيون' پڙهان ۽ پڙهايان،
ڪڏهن غرق 'گيتا' صبح شام آهيان،
ڪڏهن ڏس ته ناطق مان قرآن آهيان.

نه خادم سڏايان، نه مخدوم آهيان،
نه صاحب سخا جو، نه مان شوم آهيان،
نڪي آهيان حاڪم، نه محڪوم آهيان،
مان آدم ڪان اڳ وارو انسان آهيان.

عدم ملڪ جو ٿو مان ساڪن سڏايان،
جڏي شان شاهي، لڳين ڏوڙ لايان،
ڏيکان ويس خاڪي، جڏهان جسم پايان،
گهڙي پلڪ لئي هت مان مهمان آهيان،
مان "آهيان نه آهيان" تي حيران آهيان.

## گيت

هل ته هلئون هُنَ پار، او سائي، هل ته هلئون هُنَ پار،
من ڪري سيهار، او سائي، هل ته هلئون هُنَ پار.

هُنَ پر گيت خماريا، هُنَ پر سُرڪن مينديءَ ڏار،
هُنَ پر ويس وڻن جا ڪپڙا، اڄ ٻڻ منهنجي يار،
هل ته هلئون هن پار.

هُن پر حسن حقيقي، هُن پر جالب جا جنسار،
هُن پر هادي حق حقائق، صورت جو سردار،
هل ته هلئون هن پار.

هُن پر عشق عجب اثباتي، آدم تي اظهار،
هُن پر ساڌو، سنت سنياسي، وحدت جو واپار،
هل ته هلئون هن پار.

هُن پر لاد لفيلون، هُن پر پيجل جا پاڪار،
هُن پر مست موالي، هُن پر ملان من مردار،
هل ته هلئون هن پار، او سائي.

## وائي

انت آڪيڙي عاج جو، واڙيءَ وار وڇائيا!

نهڙو رات اُهـ آيريا، ڪيسو ڪل ڪومائيا،
واڙيءَ وار وڇائيا!

هيءَ هيءَ آئڻ اوپرا، آيل! اڄ اُهـ آئيا،
واڙيءَ وار وڇائيا!

ڪچا ڏاڪا ڪوڙ جا، وينگس ڪين ورائيا،
واڙيءَ وار وڇائيا!

اڏيءَ وبل اماس جي، ماڙيءَ مينهن وسائيا،
واڙيءَ وار وڇائيا!

## ڪافيون

*

ڪون و مڪان جو مالڪ مختار بڻجي آيو،
پوشاڪ پهري خاڪي، پڳدار بڻجي آيو.

ڪولي نقاب اوري، ظاهر ڪري حُسن کي، وحدت جي وادين ۾ انوار بڻجي آيو.
'واحد' جو ويس پهري، سڀ ڳالهه ۾ سمائي، انسان سر الاهي، اسرار بڻجي آيو.
ڪٿ 'نالهن' ۾ اٽازي، ڪٿ مست موڪدن ۾، ڪٿ 'ڪين' مان ڪمائي، ڪلتار بڻجي آيو.
'يوس' تي اي حجابي، 'لا' جو نقاب لاهي، 'ڪُن' جو حڪم هلائي، هالار بڻجي آيو.

*

ڪر اناالحق اظهار، اصل اقرار، مزو وٺ يار محبت وارو،
ٻڌ چير تہ ٿئي ڇهڪار، لسنگ اروار، مزو وٺ يار محبت وارو.

تون ظاهر باطن ذاتي آن،
هر صورت منجهہ صفاتي آن،
ڇو خيالن اندر خاطي آن،
ڪر عشق سندو اظهار، هلي هڪوار، مزو وٺ يار محبت وارو.

ڇو پنهنجو پاڻ لڪائين ٿو،
مٽيءَ تي محلَ اڏائين ٿو،
ڪثرت جو باغ بڻائين ٿو،
ڪر وحدت جو واپار، پلي پيار، مزو وٺ يار محبت وارو.

تون روپ لڪر جو راڻو آن،
هن ڪاڪ محل جو چاڙو آن،
ڇو وهمن ۾ ويڳاڻو آن،
ٿي دَمَ دَمَ جو ديدار، سچو سنسار، مزو وٺ يار محبت وارو.

ڪو "بيوس" ڪو بدنام چوي،
ڪو خاص چوي ڪو عام چوي،
ڪو دام اندر بي دام چوي،
ٿي سوريءَ جو سينگار، نہ ڪر انڪار، مزو وٺ يار محبت وارو.

*

واه جو هنر هلايو ٿئي،
سڀ صورت پاڻ ٺاهيو ٿئي.

"ونحن اقرب" ورد پڙهائي، سڀ ۾ پنهنجو پاڻ سمائي،
پو ڇو پاڻ لڪايو ٿئي.

"ڪن فيڪون" جو ساز وڄائي، ڪين منجهان هي ڪُل ٺاهي،
ڪيڏو راڳ رچايو ٿئي.

ڪٿي صاحب سر سبحاني، ڪٿي ڪوتر، ڪرمڪ ڪاني،
ڪٿي ساڌ سڏايو ٿئي.

هيئنان آڙهه عشق مچائي، جان جگر سڀ جوش جلائي،
چمر مٿان چمڪايو ٿي.
"اناالحق" اظهار ڪرائي، خيال خوديءَ جا ساهه سمائي،
"بيوس" ڪيئن ٻڌايو ٿي.

*

سامي ٿوڙي سڳ سيا، آتڪ جي آڌار ويا.
ڏونگر، ڏيرا، ڀونءِ ڀيوتي، واسي سڀ وٽڪار ويا.
ڪالهه هَٿيا جي ڪيچ وٽن ۾، هاڻي سي هن پار ويا.
هنڌين ماڳين هُل هلاچا، ڪاروڙي ڪرتار ويا.
بابو "بيوس" ٻيڪ ستائي، پورب ڏي پنار ويا.

*

پاڻ سڄائين آءٌ ئي جاڻان،
آهيان ڪو انجاڻ الا!

داني خاطر ديس ستايم، آدم جي اهڃاڻ الا!
'ميم' جو برقعو مام مجازي، سالڪ جاڻ سڃاڻ الا!
ظاهر باطن ذات ظهورو، ڪانڌ ڪيڏي سي ڪاڻ الا!
گنگا جمنا ڪوهُ ڪشالا، ساجن مون سان ساڻ الا!
"بيوس" بلڪل باغ بدن ۾، هوت ڏٺو سي هاڻ الا!

*

جيڏيون! جهنگ سيال،
رانجهن آيو رمز رلائڻ.
منهنجو مرشد مُرليءَ وارو، ڪيڙا خام خيال.
تخت هزارا ترڪ ڪرايو، هٿي هٿي هير سيال.
"بيوس" ارمي ٻولڻ برهه جي، آئي ويل وصال.

*

ڪولي هي قلب ربي، پس ذات ڪي اندر ۾.
دم دم وسي تو دلبر، بيانت هن بحر ۾.
انجاڻ ٿي اِهو جاڻي، من جي اِها موج ماڻي،
صاحب سهو سڃاڻي، رهه عشق جي امر ۾.

ٿي عام ڪي نہ اولي، ڀيءَ جاءِ ڪين پولي،
دل جو ڪتاب کولي، ڏس الف جي اکر ۾.

ڪر امن ڀي اقابي، منجهہ پرده بي حجابي،
محبوب گل گلابي، ڳولهج الڪ اندر ۾.

رک ذوق دل ۾ ذاتي، ڇڏ تاب طلسماتي،
"بيوس" ٿي اي ثباتي، ڀس ساز هنر اسطر ۾.

## غزل

●

اهڙا سهڻا، جهڙا گل،
منهنجا دوها، گيت، غزل.

هاءِ، پرهہ جا پويان پل، هاءِ، آرهڻ جي آب آچل.
ڀڪا، هيرون، لال ليار، موڙي آلدر ماڪ پنل.
ڪڙلدا آهن ڪيتن ۾، ڪنهن ڪنهن ويلي ڪيسُوڦل.
منهنجي ليکي ناڻا نُوهہ، هي تہ هيا ڪي ڳاڙها ڳل.
ڪَنَ ڪَنَ ٻڌجي آني ڪالهہ، هارياڻيءَ جي هورَ هڪل.
ڪاروانجهر جي ڪورَ وني، "بيوس" برسايا بادل.

●

مان خود ني خطائون ڪٿي آيو آهيان،
گهٽيون ني گلائون ڪٿي آيو آهيان.

وفائون، جفائون ڪٿي آيو آهيان،
جو سون ڪي ڏنائون ڪٿي آيو آهيان.

ٻڪن جون بلائون ڪٿي آيو آهيان،
اهي ڀي تہ آئون ڪٿي آيو آهيان.

ميان ٿو تہ مان پاڻ لئہ ڪجهہ نہ آندو،
اوهان لئہ دعائون ڪٿي آيو آهيان.

# ڪافيون

● عبدالڪريم ”گدائي“

*

عمر اڄ اباڻا وري ياد آيا.
روئي روئي تن لئه ٻلڪ مون ٻسايا.

ادا اڄ اباڻي ڪکر ڪئي آ چوڻي،
ماروئڙن تي مولا مهر ڪئي آ موٽي؛
ڦوڳڻ ٻه آ ڦوٽي، مگر ٽيڙا ساوا ـ عمر اڄ اباڻا .........

عمر ٿيءُ سياڻو چڱا ڪر چڱائي،
هميشه لـه هلندا اهي هٿ وڏائي؛
ادا هن اڇائي، سوين کهوٽ کهايا ـ عمر اڄ اباڻا .........

اباڻن ”گدائي“ وساري ويچاري،
ٻنڌيائيءَ جي مولا ڪئي ساڻ ياري؛
نظر فيض واري، ميٺي ڏک ٻُلايا ـ عمر اڄ اباڻا .........

● رحيم بخش ”قمر“

*

ڪر ڪا ڪکر وڄ، ڪوڙ،
سکهي وس سالڪيئڙن تي!
سالڪيئڙن تي جهالڪيئڙن تي!!

وس تـه وٽن جون ٿاريون ٿڪن،
ٻوهه ۽ کيپ“ جا ٻروٽا ٻهڪن،
”ڪنڀون“ ٿين آت ڪوڙ ـ سکهي وس سالڪيئڙن تي! سالڪيئڙن تي، جهالڪيئڙن تي!!

”چڄ“ ڪري وڄ، ڪکريون ڪاريون،
لڇنديون وسنديون وحدت واريون،
مٿهن تي ٻڌي اڄ موڙ ـ سکهي وس سالڪيئڙن تي! سالڪيئڙن تي، جهالڪيئڙن تي!!

وسُ وسُ سانگي سرها ٿيندا،
الهه سنياري آوڙ هو ڏهندا،
لاهج تن جي لوڙ سکهي وس سالگيڙن تي! سالگيڙن تي، جهالگهيڙن تي!!

ڪاش! اي لاکا ڪڪر هجان ها!
ويڙهيچن تي "ٿمر"! وسان ها!!
بادل آهين ٻاوڙا!!! سکهي وس سالگيڙن تي! سالگيڙن تي، جهالگيڙن تي!!

● معمور يوسفاڻي

*

توکي ياد ڪيم سڀ سور وڌا،
دک درد لٿا وهلور ويا.

توکي مهٽل ماريم رات سڄي،
وڌا توريءَ ٻيا سڀ خيال ڪڄي،
منهنجي ليڙن مان وٺي لنب ٻڄي،
تنهنجا ٻور ٻيا، ٻيا ٻور وڌا.

تنهنجي جاهـَجي ڪهڙي ڳالهه چوان،
تنهنجي ارهه کيا منهنجا پاڳ سنوان،
تنهنجي ياد ۾ لسريا ليڙهن لوان،
ٻيءَ آڻ تڻ، جا البور وڌا.

سورن جون سيون، چاڪن جا چٽا،
دردن جون ڏڙيون ۽ ڏاجهه ڏچا،
تنهنجي هڪڙي منيءَ سان محب ميٽا،
ٿي لاس مڙني لاسور وڌا.

جنهن وير وڇوڙي وات وٺي،
مان 'ٻش' ٿيس، تنهنجي ٻش ٻٺي،
سون تي محب مٺا تو مهر ڪئي،
منهنجا مشڪل سڀ "معمور" ويا.

# گيت

● قيوم ”طراز“

## پلڪ پروڪا

هي پلڪ پروڪا جيءَ ۾ جالي، الڊر آمات اچا،
جوت جهَڪي آهي جڳ جي ووا ٻري ۽ لاٽ اچا.

ڪهڙا سور ڪهڙيون سوريون مون کي ڄاڻ نه ڪا،
رت ۾ آهي ٻوڙيل چولو، چشمل منهن مٿا،
ڪٿي ٻس لاهي سج کو اڀريو، ٽا ڪچجن ڳات اچا.

مون وٽ آهي سڪ جو سڏڙو جالي! تو وٽ ٿهرين ڪوٽ،
سر تي رکندين سرنئي ميان، ڪاريءَ رات جي اوٽ،
ڪاڪ جي آڏو ڪاڪ نئي نهندي سوچين ڪين سمات اچا.

تنهنجي دان ۾ داٿو لاهي، اوکو آهي اهڃاڻ،
اڀرين توکي لال ليڦون ٻڻ روح آهه رتوڇاڻ،
صبح جي جوکڻ وهنتي لاهي، پره نه ڪاڏا ڦات اچا.

● مهسير ”خادم“ رفيقي

محبوب مٺا، منتار سڄڻ ڏس حال تون پنهنجي ديوالي جو،
تئن حال ٿيو آ منهنجو پرين جئن شمع ٻنا پروالي جو.

هي قرب اوهان جو پاليان ٿو، جو درد ڏاو تو تحفو آ،
احساس ذرا ڪو ڪر اي مٺا، هن ڌارئي جو بيڪالي جو.

اکڙين تي رکيم ۽ دل ۾ رکيم، جي سور ڏنا تي بسم الله،
دل آهي سا ته سن ۾ رکيم، ڪجهه قدر ڪجان انڌرالي جو.

چڏ رنج رسامي کي سهڻا، تو سينا ساهين ”خادم“ سان،
ايندين جي اڱڻ تي قرب ڪري، پوءِ افل پڙهان شڪرالي جو.

● نصير شاد مرزا

منهنجي پريت پرائي پوتر،
تون راهي، هڪ رات؛
جو آهين:
او سائين...

ڪنهن لاءِ ٻن ۾ ليڙ وڇائين،
جهَرِڻا جهَرِڻا جهاتيون پائين،
جي تو پائين...

توسان ڪِتهلا پريتُ لڳايان،
پلُ پلُ پنهنجو جيءُ جلايان؛
توسان...

پاندُ لـ اٽڪائيندس سان،
۽ جي چاهين...

منهنجو پريتُ پيامي ٿي تون،
منهنجو پريتم ڳولي ڏي تون،
ان جي بدلي...

توکي پنهنجا گيت سان ڏيندس،
توکي پنهنجا گيت سان ڏيندس.



● نظير ٽکڙائي

## "جاڳيا"

لطيف جاڳيو تہ سنڌ جاڳي، معنيٰ تہ سنڌي ضمير جاڳيا.
وڄائي وائي تي انهن لاڏون، سچل ۽ سامي فقير جاڳيا.
هتا جي طوفان دولتن جا، هتا جي ارمان ظلمتن جا،
لتاڙي ڏاڍن جي ڏيهہ کي اڄ، جوان پوڙها صغير جاڳيا.
نہ تاب ڏڙکن جي توکي موکل، نہ ڪوس ڪڙڪن جي توکي موکل،
پُڏي ڏسي چنڊ اي محل وارا، هي غم جا ماريل اسير جاڳيا.
جي لوڪ لوڙي ٿيا لشابر، سي آزمائي پلي ستمگر،
ڪهي ڇڏيندين تون ڪيترن کي، هتي تہ آهن ڪثير جاڳيا.
اسان تہ هجر وفا بہ چاڙون، اسان تہ وصل جفا بہ چاڙون،
مگر حسينن جا پيار پرکي، هي چنڊ چهڙا سفير جاڳيا.
اتر ۽ اولهہ ڏکڻ ۽ اوڀر، هي ڪارونجهر ۽ هي ڪاڪ ڪينجهر،
سهي ستم تي ستم زيادہ، سنڌائڻا مارو ملير جاڳيا.
اسين شجاعت جا شاهہ آهيون، ۽ "حق" جا سربراهہ آهيون،
ڪنداسين حاصل ضرور منزل، "نظير" اڄ بي نظير جاڳيا.

● سروپچندر "شاد"

## ڪِريل لُڙڪ

هيءُ آ هڪڙو لُڙڪ ڪِريل؛
ڪجل-ڪاڏڙهيي پاڻيءَ جو،
هڪڙو آهي فقط ڦڙو؛
جنهن جو ناهي ڪوئي مُل.

جڏهن اهو ٿي لُڙڪ لُڏيو،
پلڪن جي هندوري ۾؛
پيندرابَن جي ڳليئن ۾،
ميرا جو چت من هَئو.

اک ڪنوري ۾ لڙڪيل،
ايئن لڳو ٿي لُڙڪ اِهو؛
لٽ جو ڇڻ هو هُو موتي،
ارمانن جو تاج محل.

اکڙين مان هي لُڙڪ ڪِري،
ايئن ملي ويو مٽيءَ ۾؛
جيجل ماءُ کان جيئن هجي،
هن جو لال ويو وڇڙي.

جنهن جو لاهي جيءُ جَڙيل،
ساهه سيباڻي ساڻيهه سان؛
انهنجي سرتيءَ ڌرتيءَ سان،
سو آ هيڪڙو لُڙڪ ڏيريل.

اهڙو ساٿيو هرڪنهن جي،
لطرن ۾ ٿو وڃي ڪِري؛
هن کي ڪوبه پُڇي اٿو،
جيئري ڄڻ ويو هُجي مري.

جنهن جي ساڻيهه سان آ پريت،
گُلڙن منجهه هُو آهي گلاب؛
تارن منجهه هُو آ مهتاب،
هرڪنهن من جو آهي ميت.

جنهن جو وطن سان جيءُ جڙيل،
هُو هر اک جو آ تارو؛
هر دل ۾ هُو ايئن رَهي،
اٽ ۾ لعل آ جيئن لڪيل.

جنهن جو لاهه ساڻيهه سان پيار،
هُو آ اک ۾ ڇڻ پٿر؛
هُن جو موت خواري آ،
جيڻ هن جو آهي ڌڪار.

جنهن جي ساٿيهه سان ناهه دل،
بيٺل پاڻي جي هُو پانس؛
سڙيل سيوي جي بدبوء،
هُو آ هڪڙو لڙڪ ڪريل:
هيءُ آ هڪڙو لڙڪ ڪريل.

● ٻَوَش

## شطرنج

(چئوسِٽا)

شطرنج جو تختو آ حياتيءَ جو مثال،
ڪاري ۽ اڇي رنگ تي ٻوڙاءِ خيال!
غم سان خوشيءَ جي آهي ڳنڍيل دامن،
ٻنهي (۱) خوشيون سمجهه تہ ٻنهي ملال.

شطرنج جي 'پيادي' جو قدر ڄاڻ اي دوست!
مضبوط ارادي جو آ اهڃاڻ اي دوست!
توڙي تہ ڪري پنڌ سڀني کان ٿورو،
پر پٽي هڻڻ جي لہ انس ڪاڻ اي دوست!

مُهرن ۾، سڀني کان آهي ننڍڙو 'پيادو'
ننڍڙو آ، مگر وهڻ سندو ڳنيڙو 'پيادو'
هيڪر جي وڌي ويو، تہ لہ پٺتي هٽندو؛
بس توڙ پُڄڻ جو آ آڪنيڙو 'پيادو'.

'رخن' کان، 'وزيرن' کان مٿي چال ۾ 'گهوڙو'
ٿو لاهي ڪيڏي راند جا هڪ چال ۾ 'گهوڙو'
'آنچڪ' (۲) سان سندس وار ڪي روڪي نٿو سگهجي،
چوري ٿو ڇڏي 'شاهه' (۳) کي هر حال ۾ 'گهوڙو'.

---

(۱): شطرنج جي بساط جا چوهٺ خانا، جن مان اڌ اڇا ۽ اڌ ڪارا هوندا آهن. (۲) بادشاهه کي گهوڙي ڪانسوا ٻين مهرن جي شهه (حملي) کان بچائڻ لاءِ وچ ۾ جيڪو دفاعي مهرو اٽڪائبو آهي تنهن کي راند جي اصطلاح ۾ آنچڪ چئبو آهي. (۳) شطرنج جو بادشاهه.

هيءَ سنڌ آ هرڪ شاعر جي، هي سنڌ نہ ڪوڙي ڪافر جي.
هيءَ سنڌ تہ آ فنڪارن جي، هيءَ ناهي ڪن ڀوتارن جي.
هيءَ سنڌ نہ آ غدارن جي، هيءَ سنڌ نہ آ مڪارن جي.
هيءَ سنڌ نہ چورن ڦورن جي، هيءَ سنڌ نہ آهہ لٽيرن جي.
هيءَ سنڌ تہ آهہ دليرن جي، ۽ ناهي خانن وڏيرن جي.
هيءَ سنڌ مجاهد مانجهين جي، هي سنڌ آ ڏوٿين سالڪن جي.
هيءَ سنڌ آ مردن جوڌن جي، هيءَ 'هوشو'، 'دريا'، 'دودن' جي.
هيءَ سنڌ تہ آ مسڪينن جي، ۽ غيرتمند غريبن جي.
هيءَ سنڌ ڏکايل هاريءَ جي، هيءَ سنڌ ستايل ناريءَ جي.
سنڌ جي جوت سدائين جلندي، دنيا رهندي تيسين ٻرندي.
ڪو هيئن ٻڪي ڪو هوائن ٻڪي، ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي.
پر سنڌ ڪڏهن ڀي مرڻي ناهي، هيءَ سنڌ ڪڏهين سڪڻي ناهي.
هيءَ ڏس لاٽ اسان آ ٻاري، جاڳيو پورهيت هاري ناري.



●

مست اٿڻ مان ڪجهه تہ پيار اچا،
ڪر سچن ڪجهہ تہ بقرار اچا.

زندگي خشڪ خشڪ ٿي ٿي لڳي، سُرڪ منهنجي چمن تي هار اچا.
ورهيہ ٿيا مرڪ دو چڏي ويا جي، تن جي ٿڃي ٿي هلي بچار اچا.
سون ڪي دالا لہ سمجهہ ديوالا، منهنجو دامن آ تار تار اچا.
رنگ ۾ پنگ وجهہ لہ اي زاهد، ذي ٿمن ڪجهہ گناهگار اچا.
ڪيئن سخاوت ڪيان ساز رهنداسين، آهہ رڳ رڳ ۾ شوق دار اچا.
سچ چوڻ مي اچا نہ ڪوشش ڪر، لاهي ماحول سازگار اچا.
دشمنن ڪان نہ پي ليساز ٿيجو، دوستن ۾ آ انتشار اچا.
وجد ۾ آهہ ڪائنات سڄي، سوالن جي ٿڃي وچي ستار اچا.
ساز الفت وڃائيندا رهجو، بزم ذ سجي ٿي اشڪبار اچا.
تنهنجي زلفن جي چالو ۾ وبهي، ڪا ڪوڙي مان وفان قرار اچا.
ري سفارش لہ ڪم ٿئي "نقاش"، وجهہ حسن تي زور بار اچا.

● ولي محمد "وفا" بلي

●

اسان ڪي وجهڻ چو ٿو ناحق وچوڙي،
ڪلهن تي نہ ڪاڪل ٻرڻ چڏ تون چوڙي.
اکين جا اشارا وڏي ڳالهہ آهن،
ڪوئي سمجهنو سمجهي ڪوئي سي ٻروڙي.
اسان تن جي لئي اچ بہ روئون رڙون پيا،
ويا رشتا ناتا ڪڏهوڪا جي ٽوڙي.
جنين لاءِ دنيا ڪان ٿي دور وياسين،
وجي پيو اسان ڪان ستي منهن ڪي سو، ڙي.
"وفا" پنهنجو ٻرڻ سوا ڪير آهي،
جي چاهي تہ تاري جي چاهي تہ ٻوڙي.

● "عاجز" آچن

●

بهار هلي آ، سور کٽي آ،
سنڌڙا سنڌڙا سور کٽي آ.

جنهن کي ساريان شام و سحر ٿو، تنهن تہ ٻرڻ جا ٻور کٽي آ.
هردم هينئڙو هر کي جنهن لئي، ايڏي جي سا گهور کٽي آ.
مَن جو مندر، ڀاڳ اولاهي، پڪي پڪي لور کٽي آ.
پوڄاريءَ جو پيت نہ پرپو، سجدي ۾ سَوَ سور کٽي آ.
هاءِ اڃايل! گهايل گهايل،
منهنجي ڪويتا، سور کٽي آ.

● الطاف عباسي

●

هيانءَ منهنجي تي سڱ ڏرڻ وارا،
تون نہ ڄاڻين تو سان پٿر آهيان.

منهنجو احساس سو جهرو آهي، ساده لوحن جي لئي ثمر آهيان.
الت جنهن جو سگهيو نہ ڪو بہ لهي، آءٌ بہ الت سو بحر آهيان:
جنهن سان رهيو اچي ٿي دنيا ڪي، سان سو مظلوم جو ٻڪور آهيان.
خون منهنجو شفق جهان ڳاڙهو، تون تو ڄاڻين تہ خوبتر آهيان.
ڪير ٿو ساٿ ڏئي هتي ڪنهن جو، پاڻ ئي پنهنجو همسفر آهيان:
پاڻ راهي ۽ پاڻ ئي رهزن، پاڻ ئي پنهنجو راهبر آهيان:
ساري دنيا کي ڏيان آڄهو تورڙي، پنهنجي گهر ۾ تہ دربدر آهيان.
هيانءَ منهنجي تي سڱ ڏريو بيشڪ،
آءٌ شيشي لما پٿر آهيان.

● نعيم "تقوي"

●

ٻاڻ جرڪائي ٿو دل کي ٻالڪپڻو،
جيڪو ڳوڙهو ڳڙي ٿو تنهن ڏينهڙو.

آيو اسالتو آهي ٻيارا سڄڻ، مٺڙا تارا ڏسي ٻيو ڏکي هينڙو.
جيءَ جهوري وڌو برت جي واءُ اڄ، ساهه جو آ قسم ٻيو ڪٿي جيئڙو.
ڪونج ڪرڪي ٿي يا دل جو آواز آ، وهو چڙهي هڪ اثر دل تي سالڪيڙو.
چو اهـ ويتر اچي ياد "تقوي" ٻرين، هير ٻڻ لي اچي ٻيو وسي مينهڙو.

● "وفا" الانشاهي

●

يا چهري تي ٻردو وراڻي ڇڏيو،
يا منهنجي نظر کي مڃائي ڇڏيو.

سونهن جي تانيد جا دشمنوا سون کي گولين سان آڏائي ڇڏيو.
جي چاهيو ته مخمور اکيون کٿي، زمين، آسمان سان ملائي ڇڏيو.
اهـ ٻيريون آکاڙين کهو ٻاغ ۾، متان کنهن جا جذبات کهائي ڇڏيو.
بهارن جي کهڙي لـا موسم ٻڃو، جڏهن ٻـي اوهان مسڪرائي ڇڏيو.
"وفا" موت جي جا تقاضا کٻي، حياتيءَ ٿي سون کي وڃائي ڇڏيو.



# قطعا

● نديم انصاري

( ١ )

خدا اوهان کي سدا شاد و ڪامران رکي،
نگاهه لطف رکي، دور امتحان رکي.
جتي هجو، ته بهارِ دل و نگاهه هجو؛
مسرّتن کي خدا توتي مهربان رکي.

( ٢ )

گل بهرصورت رهي گل، باغ ۾ يا بازار ۾،
عشق وارا خوش سدا آهن جفا يا پيار ۾.
بوءِ گل ڪنهن کان ڪڏهن والجهي لڪو اي همنشين؛
خوءِ ساڳي آ سندس بر ۽ بحر ۾ بازار ۾.

( ٣ )

نه نوازشن جو ليکو نه شمار شفقتن جو،
تنهنجي هڪ نظر سان پيو ليو لطف انجمن جو.
تون سچو ٿي مهرباني سان سراپا ناشناسي؛
مون کي اعتراف آهي پنهنجي ڪوجهڙن ڪمن جو.

( ٤ )

نانگ تو پاليو مگر توتي ٿي شوڪارا پري،
پر تو پوکي مگر ٽنڊي جو پاتو خار ڪٽر.
جي اکيون ٻوٽي اپا هلندين ته ڪيرندين کڏن ۾،
واءُ جو رخ ڏس، سڄاڻي تار مان وٺ پار سَرُ.

(١)

ٽوڙڻو ڪجهه سوچ اي اشڪِ روان خاموش رهه،
ماجرائي غم اسان ڪر ڪڏهين بيان خاموش رهه.
حسرتون، آلام، غم، دل ۾ سدا دٻيل رهن؛
ڪير ٿو ڪنهن جو ٻڌي اڄ داستان خاموش رهه.

(٢)

مست اکڙيون ڪٿي سٺا مائين!
ڏي پري ڪو "بشير" کي ساغر.
غم گذشته ۽ فڪرِ مستقبل؛
دردِ دوران وڃن اڏي هيڪر.

(٣)

منهنجي اکڙين جي آرزو آهين،
دل جي ڏکڙن جو ماحصل آهين.
پيار مان توکي ٿو ڏسان هر هر؛
جڻ تہ منهنجوئي هڪ غزل آهين.

(٤)

مون کي دنيا سڏي ٿي ديوانو،
تنهنجي عهدِ شباب جو آ قسم.
مئڪشي جو لڳائي ٿي الزام؛
تنهنجي لب جي شراب جو آ قسم.

(٥)

مان ليلاين تي ليلايا ٿو ڪيان،
تون ٻڌائين ٿو پنهنجون مجبوريون.
مان به پابند، تون رهين مجبور؛
هجر ۾ ٿينديون حياتيون پوريون.



# ۲

## احساس

”اسان جي روزاني زندگي، هلت چلت، ڏيڻ وٺڻ، ڳالهه ٻولهه، ڏيڻ ۽ ڌرم سيکڻ، ايمانداريءَ سان ٿيڻ گهرجي. جيسين اسان لالچ کي ماري، ’پنجن دشمنن‘ کي پنهنجو غلام نه بڻائينداسين، تيسين اسين دين يا ڌرم تي هلي ڪين سگهنداسين. اسان جي ڪمائيءَ جي ذهين پٽي ٻه جيڪڏهن پاپ جي ڪمائي آهي، ته پوءِ ڏٺيءَ در اسان جي دعا به قبول ڪانه پوندي. ڏٺي ڏيندڙ آهي، وٺندڙ ناهي. جيڪو شخص مالڪ جي مخلوقات سان - جنهن کي اکين سان ڏکن ۾ مبتلا ڏسي ٿو، قرب نٿو ڪري، سو الله مولا سان محبت ڪيئن ڪري سگهندو؟“

- علامه آءِ. آءِ. قاضي

”مون ويچاريو هو تہ تون ڏاڍو ڪنڀير هوندين . پر پاڻ تہ تون مسخرو پڻ آهين. پوڙ ڪاڻ وقت تنهنجا هٿ ڏڪي رهيا هئا، الڪري مان توکان صفا ڪوڙ ٿو ڏچان.“

ايترو چئي، سارنگ رڏني مان ٻاهر اڪري، دروازي وٽ اچي بيٺو تہ جي جادوگر هن جو پيڇو ڪري، تہ هو جلدي گهر مان ڀڄي وڃي. پر اميد جي ابتڙ، جادوگر هن جي پٺ نہ ورتي. سارنگ ٻڌائي مڙي ڏٺو تہ جادوگر... هان هان اهو ئي جادوگر، هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويٺي روئي رهيو هو، ۽ پنهنجا ڳوڙها، پنهنجي ڪوٽ جي ڪنڊيءَ ساڻ اگهي رهيو هو.

”هڪ جادوگر ئي تون روئي رهيو آهين! چڱو ٿيو، توکي اهڙي ئي سزا ملڻ گهرجي، تو منهنجي ابيءَ کي گهر اچڻ ڇو نہ ڏنو هو؟ تو هجلي ڇو بند ڪئي هئي؟ تو منهنجا بسڪوٽ ڇو بند ڪيا هئا؟ هاڻي خدا توکي چڱي سزا ڏني آهي، روءِ ڀلي روءِ“

ائين چئي، خوشيءَ مان واڪا ڪندو، سارنگ گهر ۾ هليو ويو، ۽ اوڪرڻيءَ وٽ وڃي چوڻ لڳو:

”هاڻي مان هن جادوگر کان نٿو ڊڄان... صفا نٿو ڊڄان!“



# ۳

# مقالہ

"سچا اديب ۽ شاعر جڏهن ساهہ کڻن ٿا، تڏهن خود غرض ماڻهن جي زندگي ني زهر بڻجيو پوي، ۽ جڏهن اهي پنهنجي قلم کي جنبش ڏين ٿا، تڏهن تہ اهڙو شور مچيو وڃي، جو مئل بہ جاڳيو اٿن."

— لوئي اراگانون

جي هنگامه آرائي، حسن جي دلڪشي ۽ دلربائي، زبان جي سادگي ۽ رواني، اسلوب بيان جو دل تي اثر ڪري، ۽ منظرنگاري وغيره سڀ خسروءَ جي غزل ۾ موجود آهن.

خسروءَ جا قصيدا به لاجواب ليکيا وڃن ٿا ۽ ڪنهن به حالت ۾ خاقاني، انوري، عرفي يا جاميءَ کان گهٽ نه آهن. قصيده گوئيءَ لاءِ علمي مسئلا، حڪمت جا مقدمات، سلوڪ ۽ تصوف جا دقيق خيالات، صنائع ۽ بدايع، لفظي ۽ معنوي جذبات، تجنيس ۽ ترصيع، بلند پروازي ۽ مبالغه آرائي ضروري آهن. اهي خوبيون به بحدِ ڪمال حضرت اميرخسروءَ جي قصيدن ۾ موجود آهن. ان طرح رباعيات ۽ قطعات ۾ جي عشقيه، بزميه، اخلاقيه ۽ تصوف جي رازن بابت اشارا اهـ بيان ڪيا آهن، سي به هر انسان لاءِ چراغ راهه جي ڪم ڏيڻ جي قابل آهن.



الطبري - محمد بن جرير | تاريخ الامم والملوڪ مطبعه الاستقامه القاهرة | ١٩٣٩
ابن عبدالبر | الاستيعاب في معرفه الاصحاب قاهرة | سن لڌ جاڻايل
ابو العلاء المعري | رساله الغفران | دارالمعارف قاهرة | ١٩٦٣
علي ڪوفي | چچنامه - سنڌي ترجمه سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد | ١٩٦٦
فواد افرام | دائرة المعارف | بيروت | ١٩٦۴
ڊاڪٽر مدد علي قادري (هن مقالي جو مقالہ نگار) | Humanitles Research Gournl | سنڌ يونيورسٽي | ١٩٦٦
ابن النديم | الفهرست | المڪتبه التجاريه قاهرة | ١٣۴٨
الواقدي، محمد بن عمر | ڪتاب المغازي | آڪسفورڊ | ١٩٦٦
ياقوت حموي | معجم البلدان | بيروت | ١٩٥٧




ٻولي ڪٿي اتفاق سان ٻڌڻ ۾ ايندي آهي ۽ تہ اصل خير ئي خير لڳو پيو آهي. البت ڪاري تتر جي ڪڏهن ڪڏهن ٻولي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي، جنهن جو ڪارڻ اهو آهي تہ ڀورو تتر وار ڪري رهندو آهي، جنهنڪري ماري هڻن کي اڪڙي ختم ڪري ڇڏيو آهي. پر ڪارو تتر اڄ وقت شڪار ڪري نہ سگهبو آهي. هو لڳ کان پوءِ ويڙهہ لاءِ اڪيلو ايندو آهي جنهن کي شڪاري ڦاسائيندا آهن مگر الهن جيون ماديون سلامت رهنديون آهن ۽ اتي نئين آرو ڪري ٻچا ڦوڙينديون آهن، جن مان جيڪي نر پيدا ٿيندا آهن اهي جوان ٿي ٻوليندا آهن ۽ انهن سر لڳ ڪري پنهنجو نسل باقي ٻويان ڇڏيندا آهن ۽ پاڻ شڪارين جي ڦندي ۾ اچي موت جي حوالي ٿي ويندا آهن. سندن جوانيءَ جي موج فقط چند مهينا هوندي آهي. شڪار تي بندش پوڻ کان اڳ اتي ڏهن سالن وارا ڪڙايل يعني پوڙها تتر عام جام هوندا هئا. مگر هن وقت اهڙو حال آهي جو رهي نالہ الله جو.



صحافي ادب ۾، سنڌس ايڊيٽ ڪيل رسالو ”لطيف“ هڪ عمدو يادگار آهي، جو ڪراچيءَ مان شايع ٿيو.

شاهه صاحب هڪ مخلص ۽ محنتي ماهر قانون جي حيثيت سان به وڏي ڪاميابي ۽ شهرت حاصل ڪئي، آخر تائين ڪيترن اهم ادارن جو قانوني مشير ٿي رهندو آيو.

مرحوم حافظ شاهه حسينيءَ جهڙي ذات ٽڪڙ جهڙي روايات جو گويا عمدو يادگار چئي سگهجي ٿي. اسان هن صدمي جانڪاهه ۾، سندس عزيزن ۽ قريبن، خاص طرح سان سندس ڀائرن ڊاڪٽر سيد اسدالله شاهه الحسيني، چيئرمن ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ۽ جناب سيد شبير 'هاتف' ڊائريڪٽر نيشنل بوڪ فائونڊيشن، سان اظهار تعزيت ڪندي، ڏک جو اظهار ڪريون ٿا.

دعا آهي ته رب ڪريم مرحوم کي مرهي ۽ جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندن پسماندگان، فرزندن ۽ عزيزن کي صبر جميل جي توفيق عنايت فرمائي - آمين. غ. م. گ






کراچيءَ ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي منعقد ٿيل ڪتابن ۽ مخطوطن جي نمائش ۾ جناب پيارعلي الانا سنڌي ادبي بورڊ جي بڪ اسٽال تي بورڊ جي سيڪريٽري مسٽر غلام ربانيءَ سان سنڌي مخطوطن بابت گفتگو ڪري رهيو آهي. مسٽر الانا ٻڌايو تہ عنقريب سنڌ سرڪار طرفان سنڌ بابت هڪ عظيم الشان ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي جنهن ۾ ٻاهرين ملڪن جا عالم بہ شريڪ ٿيندا ۽ سنڌ بابت تحقيقاتي مقالا پيش ڪندا.



آقاي يوسف ڪيوان شڪوهي سنڌي ادبي بورڊ جي دعوت استقباليه ۾
سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي خطاب ڪري رهيو آهي.



آقاي يوسف ڪيوان شڪوهي ۽ سندس خانم جي سنڌي اجرڪ ۽ لونگيءَ ۾ ورتل تصوير.
(ساڄي کان: سيد حسام الدين راشدي، يوسف ڪيوان شڪوهي، خانم ڪيوان شڪوهي، آغا عبدالنبي)

